# داتا حضور

## ءِ اَدب جي تعليم

15-September-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

15 سيپٽمبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# داتا حضورؒ جي اَدَب جي تعليم

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...

✿... جاهلن جي جهالت تي صبر ڪرڻ جو انعام

✿... اَدَب قُربِ الٰهيءَ جو ذريعو آهي

✿... ڇا بادشاهن جي دربار ۾ ايئن ويهبو آهي...؟

✿... چڱي صحبت تمام ضروري آهي

✿... مهمان نوازيءَ جو هڪ اهم ادَب

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## جنت جو نرالو ميوو

مسلمانن جو چوٿون خليفو، مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضٰي شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائي ٿو: الله پاڪ جنّت ۾ هڪ وڻ پيدا فرمايو آهي جنهن جو ميوو صوف کان وڏو آهي، ڏاڙهون کان ننڍو، مکڻ کان نرم، ماکيءَ کان به منو ۽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي. ان وڻ جون ٽاريون آلي موتيءَ جون، ٿُڙَ سون جا ۽ پَنَ زَبَرجَد جا آهن. لَا يَاْكُلُ مِنْهَا اِلَّا مَنْ اَكْثَرَ مِنَ الصَّلَاةِ عَلٰى مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان وڻ جو ميوو صرف اهو ئي کائي سگهندو جيڪو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهندو.(1)

وہ تو نہایت سَستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا | ہم مُفلِس کیا مول چکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سني نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل

1 الحاوی للفتاوٰی للسیوطی، جلد:2، صفحہ:48۔
2 حدائق بخشش ، صفحہ 186

ڪرائيندي آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بااَدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّھ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

## جاهلن جي جهالت تي صبر ڪرڻ جو انعام

تاجدارِ لاهور، شيخُ الْمشائِخ، حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن ڪَشْفُ الْمَحْجوب شريف ۾ پنهنجي زندگي جو هڪ انمول ۽ نصيحت ڀريو واقعو لکيو آهي، فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مونکي هڪ مشڪل پيش آئي، ان کان پهريان بہ مون تي اهڙي ئي مشڪل آئي هُئي، ان وقت مان حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار شريف تي حاضر ٿيو هيس، جنهن جي برڪت سان منهنجي مشڪل حل ٿي وئي هئي، هن ڀيري وري جڏهن مشڪل پيش آئي تہ مان ٻيهر حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزارِ پُر انوار تي حاضر ٿيس، 3 مهينن تائين مزار شريف تي حاضر رهيس، روزانو 3 ڀيرا غسل 30 ڀيرا وضو ڪندو هيس (يعني طهارت ۽ پاڪيزگي ۽ آداب جو مڪمل خيال رکندو هيس) پر منهنجي مشڪل حل نہ ٿي (قدرت کي اهو ئي منظور هو تہ هن ڀيري وليءَ جي مزار تي رهي ڪري نہ بلڪ تجربي ۽ مشاهدي جي ذريعي مشڪل حل ٿئي).

فرمائن ٿا: جڏهن پريشاني ختم نہ ٿي تہ مون خراسان وڃڻ جو ارادو ڪري ورتو، خراسان ويندي رستي ۾ هڪ ڳوٺ آيو، اتي مونکي هڪ خانگاھ نظر آئي.

اڳي دور ۾ اولياءِ ڪرام مدرسو يا عبادت گاھ ٺهرائيندا هئا، جتي رهي ڪري پنهنجي مريدن جي تربيت ڪندا رهندا هئا. شايد اهو ئي سبب هو جو داتا حضور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رات گذارڻ جي لاءِ ان خانگاھ ۾ تشريف کڻي ويا پر هتي معاملو ئي ڪجھ ابتڙ هو، ان خانگاھ ۾ رهڻ وارا عالم ۽ عبادت گذار نہ بلڪ

---

1…مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

جاهل ۽ بد اخلاق هئا. حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عام مسافرن وانگر مون وٽ سامان نہ هو، جسم تي بلڪل سادو ۽ پراڻو لباس هو، هٿ ۾ لٺ ۽ وضو جي لاءِ ٿانءُ هو، منهنجي هن حالت ڪي ڏسي ڪري انهن منهنجو مذاق اڏايو، رات ٿي چڪي هئي ۽ اتي رات گذارڻ ضروري هو، تنهنڪري گنجائش نہ هجڻ جي باوجود مان ان خانگاهہ ۾ ترسي پيس، انهن ماڻهن مونکي هينين منزل ۾ ترسايو ۽ پاڻ مٿين منزل ۾ هليا ويا، کاڌي جو وقت ٿيو تہ انهن مهمان نوازي جي آدابن جو ڪجهہ خيال نہ رکيو، مونکي خراب ٿيل سُڪل ماني ڏنائون ۽ پاڻ لذيذ غذائون کائيندا رهيا ۽ گڏوگڏ مون تي ٺٺول بہ ڪندا رهيا، کاڌي کان بعد انهن گدرا کاڌا ۽ گلون مون ڏي اڇلايون، مطلب تہ جيترو ٿي سگهيو انهن مون کي ستايو، مونکي ذليل ڪيو، مان صبر سان هي سڀ ڪجهہ برداشت ڪندو رهيس.

بس انهن ماڻهو جي هن ورتاءَ تي صبر جي بدولت اللّٰه پاڪ منهنجي مشڪل حل فرمائي ڇڏي.(1)

بنادو صبر و رِضا کا پیکر بنوں خوش اَخلاق ایسا سرور
رہے سدا نَرم ہی طبیعت نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت (2)

## جاهلن جي جهالت تي صبر بہ هڪ اَدَب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! جاهلن جي جهالت ڀري ڳالهين تي صبر ڪرڻ بہ آدابِ زندگي مان هڪ اَدَب آهي، اسان جو ڪيترائي ڀيرا اهڙن ماڻهن سان واسطو پئجي ويندو آهي، جيڪي علم، اخلاق ۽ آدابِ زندگي کان ڪيترائي ميل پري هوندا آهن، خاص طور نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن مبلغين کي اهڙن سان واسطو پيو هوندو، حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ مان درس حاصل ڪندي اسان کي بہ گهرجي تہ اهڙن ماڻهن جي ڳالهين،

1...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحہ:100بتغير۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:208۔

انهن جي حرڪتن ۾ برن اخلاقن تي صبر ڪان ڪم وٺون، انهن جي برائيءَ جو جواب چڱائيءَ سان ڏيون، هي بہ هڪ نيڪي آهي ۽ ڪيئي ڀيرا ايئن ٿيندو آهي تہ ان صبر جي بدولت وڏيون وڏيون مشڪلاتون حل ٿي وينديون آهن. اللہ پاڪ پنهنجي ڪريم آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائي ٿو:

خُذِ الْعَفْوَ وَ اْمُرْ بِالْعُرْفِ وَ اَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِیْنَ(۱۹۹)

آيت(سيپارو:9، سورة اعراف: آيت 199)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي محبوب! معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائيءَ جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ.

تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ آهي: هن آيت ۾ نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي 3 ڳالهين جي هدايت فرمائي وئي: (1): جيڪو مُجرم معافي طلب ڪندي توهان وٽ اچي، ان تي شفقت ۽ مهرباني ڪندي ڪيس معاف ڪري ڇڏيو (2): چڱا ۽ فائديمند ڪم ڪرڻ جو ماڻهن کي حڪم ڏيو (3): جاهل ۽ ناسمجهہ ماڻهو توهان کي برو ڀلو چون تہ انهن سان نہ اٽڪو بلڪ حِلم (بردباري) جو مظاهرو فرمايو.[1]

تُو عَطا حِلم کی بھیک کر دے | میرے اَخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

اللہ پاڪ اسان کي بہ ادب جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مختصر تعارف

❁ داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اٽڪل 400 هجري تي دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا ❁ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

1... تفسيرِ صراط الجنان،پاره،9،سورۂ اعراف،تحت الآية:199،جلد:3،صفحه:503۔

جو نالو مبارڪ: عَلي ۽ والد صاحب جو نالو: عثمان آهي ❁ داتا حُضُو رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه افغانستان جي علائقي غزني جا رهاڪو هئا، غزني جو هڪ پاڙو آهي جنهن کي هجوير سڏين ٿا. داتا حُضُور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان پاڙي ۾ رهندا هئا، انهيءَ نسبت سان هجويري مشهور ٿيا ❁ پاڻ نَجِيّبُ الطّرَفين يعني حسني، حسيني سيّد آهن ❁ شروع کان ئي وڏا نيڪ پارسا، عبادت ڪرڻ وارا ۽ علمِ دين جو تمام گهڻو شوق رکڻ وارا هئا ❁ داتا حُضُور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه علمِ دين سکڻ جي لاءِ عراق، شام، لبنان، آذر بائيجان، خراسان ۽ تُرڪستان وغيره ڪيترن ئي ملڪن جو سفر ڪيو، ان وقت جي وڏن وڏن عالمن ۽ صوفياءِ ڪرام کان علمِ دين سکيائون ❁ تقريباً 34 سالن جي عمر ۾ پنهنجي پير صاحب شيخ ابو الحسن خُتّلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي حڪم سان لاهور تشريف کڻي آيا ❁ اُتي نيڪي جي دعوت کي عام ڪيائون، اسلام جو پيغام وڏايائون، ماڻهن کي قرآن ۽ سنّت جي تعليم ڏنائون، پنهنجي اخلاق، ڪردار سان، ڪڏهن بيانات فرمائي ڪري، ڪڏهن ڪرامات ڏيکاري ڪري بيشمار ڪافرن کي مسلمان ڪيائون، جيڪي پهريان ڪان مسلمان هئا، انهن کي سنّتن جو پيڪر بڻايائون، ڪيترائي عالم ناهيائين، ڪيترن ئي ماڻهن کي پنهنجي تربيت ۾ رکي ڪري ولايت جي بلند مقامات تائين پهچايائون ❁ اٽڪل 30 سالن جي عرصي ۾ پاڻ بِرّصغير ۾ هڪ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو ❁ مضبوط قول جي مطابق پاڻ 465 سن هجري تي هن دنيا مان پردو فرمايو ❁ سندن مزار مبارڪ لاهور ۾ موجود آهي ❁ پاڻ جي ئي نسبت سان لاهور کي مرڪزُ الاوليا ۽ داتانگر به چيو ويندو آهي(1)

| | |
|---|---|
| کیا غرض دَر دَر پھروں میں بھیک لینے کے لئے | ہے سلامت آستانہ آپ کا داتا پیا |
| جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دِن | ہو مِری اُمّید کا گلشن ہَرا داتا پیا(2) |

## ڪَشفُ الۡمَحۡجُوب جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام

1…تفصیل کے لئے دیکھئے: مکتبۃ المدینہ کا رسالہ ”فیضانِ داتا علی ہجویری رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ“۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:534۔

ماهِرِ عالمِ دين هئا، پاڻ ڪيترائي ڪتاب بہ لکيا آهن پر افسوس! هاڻي سندن ڪتابَ نہ ٿا ملن، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هڪ زبردست ڪتاب ڪشفُ الْمَحْجوب هاڻي بہ ملي وڃي ٿو، ڪشفُ الْمحجوب اصل (نسخو) فارسيءَ ۾ آهي، اردو ترجمو بازار مان عموماً ملي وڃي ٿو ❁ ڪشفُ الْمحجوب اهڙو زبردست ڪتاب آهي جو وڏا وڏا صوفياءِ ڪرام ان ڪتاب کي باقاعده پڙهندا بہ هئا ۽ پنهنجن شاگردن کي بہ پڙهائيندا هئا ❁ ڪَشْف جي معنٰي آهي: کولڻ ۽ مَحجوب جو مطلب آهي: پردي ۾ رکيل شيءِ. گناهن جي ڪري جيڪا دل تي ميراڻ چڙهندي آهي، صوفياءِ ڪرام ان کي حجاب چوندا آهن، ايئن ڪشفُ المحجوب جو مطلب ٿيندو: دل جا پردا کولڻ وارو ڪتاب ❁ خواجہ نظامُ الدّين اولياء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: جنهن کي ڪامل پير نہ ملندو هجي، اهو ڪشفُ المحجوب پڙهي وٺي ان کي ڪامل پير ملي ويندو.[1]

ڪَشْفِ مَحْجُوب ہے فیضِ داتا حُضُور
اس کی عظمت میں بولے یہ خواجہ نِظام

کَشْفِ مَحْجُوب میں زِندگی کا سرور
ہے یہ رہبر سراپا، کرامت کا نُور

ہے یہ نسخہ نایاب دِل کے لئے
پیرِ کامِل ملے، بند رَستہ کھلے

جو پڑھے دِل لگا کر، سمجھ کر اسے
گنج بخشی ہے اس کی یہ ظاہِر ظُہور

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪشفُ المحجوب جي هڪ باب جو خلاصو

اي عاشقانِ رسول! ڪشفُ المحجوب شريف جو هڪ باب آهي: ڪشفِ حجاب: آداب جو بيان. هن باب ۾ حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن بنيادي طور تي 3 شيون بيان فرمايون آهن: (1): اَدَب ڇا کي چوندا آهن؟ (2): اَدَب جا قِسم (3): ۽ مختلف زندگيءَ جا آداب.

1…فيضانِ داتا علی ہجویری، صفحہ:58۔

اچو! ڪشفُ المحجوب شريف جي هن باب مان داتا حضور رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي تعليمات ۽ ڪجھ نصيحتون پڙهي سعادت حاصل ڪريون ٿا، اللّٰه پاڪ اسان کي اولياءِ ڪرام جي محبت ۽ انهن جي تعليمات تي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (1): اَدَب جي اهميت

حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: تمام ديني ۽ دنياوي ڪمن جو حسن اَدَب ۾ آهي، هر شخص جي لاءِ ان جي مقام جي مطابق الڳ آداب آهن، مُرَّوت، سنّت ۽ عزّت جي حفاظت ادب جي ئي ذريعي ٿيندي آهي.(1)

اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ<br>آيت (سيپارو: 28 سورة تحريم: آيت 6) | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين ۽ گھر وارن کي ان باھ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهي. |

صحابيءِ رسول، سُلطانُ المُفَسّرين، حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هن آيتِ ڪريمہ جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: اَیْ فَقِّھُوْھُمْ وَ اَدِّبُوْھُمْ يعني اي ايمان وارؤ! توهان تي لازم آهي تہ پاڻ کي بہ ۽ پنهنجي اهلِ خانہ کي بہ جهنّم جي باھ کان بچايو! ۽ هي ٿيندو ڪيئن؟ توهان ڪهڙي طرح پاڻ کي ۽ اهلِ خانہ کي ان باھ کان بچائي سگھو ٿا؟ ان جو طريقو هي آهي تہ پاڻ بہ دين جي سمجھ حاصل

1...ڪشف المحجوب، مترجم، صفحہ:492ملتقطاً۔

ڪريو ۽ پنهنجي اهلِ خانہ کي بہ دين سيکاريو! پاڻ بہ اَدب سکو ۽ پنهنجي اهلِ خانہ کي بہ آداب سيکاريو...![1]

مسلمانن جي پياري امڙ، حضرت عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻار جو پنهنجي پيءُ تي حق آهي تہ هو ان جو چڱو نالو رکي ۽ سٺا آداب سيکاري.[2]

جو ہے باادب وہ بڑا بانصیب اور | جو ہے بےادب وہ نہایت بُرا ہے [3]

## اَدَبُ پهريون قرينو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ادب اصل بندگي آهي، حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن ڪوهِ طور تي حاضر ٿيا تہ الله پاڪ پاڻ سان پهريون ڪلام هي فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنِّيْٓ اَنَا رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۚ اِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ﴿۱۲﴾ (سيپارو: 16 سورة طٰه: آيت 12) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ مان تنهنجو رب آهيان سو تون پنهنجا جوتا لاهہ بيشڪ تون پاڪ وادي طوٰي ۾ آهين. |

مفسرينِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: الله پاڪ حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام کي نعلين شريف (يعني جوتا مبارڪ) لاهڻ جو حڪم ڏنو، ان جو هڪ سبب هيءُ هو جو بادشاهہ جي دربار ۾ جوتا لاهي ڪري حاضر ٿيڻ اَدَب آهي ۽ الله پاڪ تہ اَحْكَمُ الْحَاكِمين آهي، حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام خالِق ڪائنات جي حضور حاضر آهن، وادي بہ مقدس آهي تنهنڪري حڪم ٿيو تہ اي موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام! پنهنجي ربِّ ڪريم ۽ ان بابرڪت واديءَ ۾ نعلين شريف لاهي ڇڏيو!

---

1...تفسير قشيری، پاره:28، سورۂ تحريم، تحت الآية:6، جلد:3، صفحہ:334۔
2...شُعب الايمان، باب فی حقوق الاولاد، جلد:6، صفحہ:402، حديث:8667ملتقطاً۔
3...وسائل بخشش، صفحہ:454۔

اللہ اکبر! اي عاشقانِ رسول! هن مان ادب جي اهميت جو اندازو لڳايو! معلوم ٿيو: اَدَب زندگيءَ جو پهريون قرينو آهي، انهيءَ جي ذريعي انسان بلند مقامات تي پهچي سگهندو آهي. حضرت جلال بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ايمان جو تقاضو آهي ته پانهو شريعت تي عمل ڪري، لهٰذا جيڪو شريعت نه ٿو ڄاڻي اهو (ڪامل) ايمان وارو نه ٿو ٿي سگهي ۽ شريعت ادب سيکاريندي آهي، لهٰذا جيڪو ادب نه ٿو ڄاڻي، نه ان جو ايمان (ڪامل) آهي، نه اهو شريعت ڄاڻيندو آهي.(1) اعلٰي حضرت، امامِ اهلِ سنّت شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: لَادِيْنَ لِمَنْ لَااَدَبَ لَهٗ جيڪو باادب ناهي، ان جو ڪو دين ناهي.(2)

## اَدب قربِ الٰهي جو ذريعو آهي

شيخ يوسف بن حسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اَدَب جي برڪت سان علم جي سمجهه ايندي آهي، علم جي برڪت سان عمل درست ٿيندو آهي، عمل درست ٿي وڃي ته حڪمت ملندي آهي، حڪمت ملي وڃي ته زُهد (يعني دنيا کان بي رغبتي) ملي ويندو آهي، زُهد جي برڪت سان آخرت جو شوق پيدا ٿيندو آهي ۽ جنهن خوش نصيب کي آخرت جو شوق نصيب ٿي وڃي، ان کي اللہ پاڪ پنهنجي قرب جي دولت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.(3)

اللہ! اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! اَدَب ڪيتري اعلٰي شيءِ آهي، معلوم ٿيو: جنهن وٽ اَدَب آهي، اهو خوش نصيب آهي جو علم جي درست سمجهه انهيءَ کي ملندي آهي جيڪو ادب وارو آهي، عمل انهيءَ جو درست هوندو آهي، جيڪو ادب وارو آهي، حڪمت به انهيءَ کي ملندي آهي جيڪو ادب وارو آهي ۽ اللہ پاڪ جو قرب به انهيءَ کي نصيب ٿيندو آهي جنهن کي ادب جي دولت نصيب ٿيندي آهي ۽ جنهن بد نصيب وٽ ادب ناهي، اهو وڏو محروم آهي، اهو هزارين ڪتابَ به پڙهي وٺي پوءِ به درست علم جي سمجهه

---

1 ... رساله قشيريه مترجم، ادب ڪا بيان، صفحه:494۔
2...فتاویٰ رضويه، جلد:28، صفحه:158۔
3...عوارف المعارف، صفحه:455۔

ڪان محروم رهندو آهي، سچي زندگي عبادت ۾ گذاري، پوءِ به عمل جي درستگي ڪان محروم رهندو آهي، نه ان کي حڪمت ملندي آهي ۽ نه ان تي قربِ الٰهي جا دروازا کُلندا آهن.

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے | اور مجھ سے بھی سر زد نہ کبھی بے ادبی ہو [1]

الله پاڪ اسان کي ادب جي دولت نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2): اَدب ڇا کي چوندا آهن...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اَدب ڇا کي چوندا آهن؟ اچو! هي سکڻ جي لاءِ داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي بارگاھ ۾ حاضري ڏيون، حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: عام طور تي اديب (يعني ادب وارو) ان کي چوندا آهن: جيڪو لغت جو ماهر هجي (جيئن اسان وٽ عام طور شاعر کي اديب چيو ويندو آهي) پر اولياءِ ڪرام وٽ اَدب جي معنٰي آهي: اَلۡوُقُوۡفُ مَعَ الۡمُسۡتَحۡسِنَاتِ يعني چڱائين تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ.[2] بس جنهن ۾ نيڪ عادتون جمع ٿي وڃن، اهو اديب (يعني ادب وارو) آهي.

## اَدَب جا اَقۡسام

داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ادب جا ٽي قِسم آهن:

## (1): آدابِ بندگي

پهريون قسم: اَلۡاَدَبُ مَعَ الله يعني الله پاڪ جو ادب. هي سڀ کان پهريون ۽ ضروري ادب آهي چوته اسان هن دنيا ۾ ڪجھ به هجون، سڀ کان پهريان

1...وسائل بخشش، صفحہ:315۔

2...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحہ:504 ۔

اسان ٻانهآ آهيون، جيڪو ڊاڪٽر آهي، اهو ڊاڪٽر بعد ۾ آهي، پهريان اللّٰه پاڪ جو ٻانهو آهي، جيڪو عالِم آهي، اهو عالِم بعد ۾ ٻانهو پهريان آهي، جيڪو انجينئر آهي انجينئر بعد ۾، ٻانهو پهريان آهي، مطلب ته اسان جو ڪجھ به آهيون، سڀ کان پهريان ٻانهآ آهيون، پوءِ ڪجھ ٻيو آهيون. لهٰذا سڀ کان پهريان اسان کي ٻانهي هجڻ جي آداب کي ملحوظ رکڻ گهرجي.

## ڪجھ آدابِ بندگي

ٻانهو هئڻ جا آداب ڪافي سارا آهن، امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آدابُ الْعُبُودِيَّت جي نالي سان پورو ڪتاب لکيو آهي، ان ۾ ڪوڙ سارا آدابِ بندگي بيان فرمايا آهن، مثال طور ٻانهي هجڻ جو هڪ اَدَب هي به آهي ته ٻانهو هميشه پنهنجي توجھ اللّٰه پاڪ جي طرف رکي، نعمت ملي (مثال طور مال ۽ دولت عطا ٿئي، اولاد ملي، خوشيون نصيب ٿين، ڪا به نعمت هجي) ان نعمت جو ٿي ڪري نه رهي، نعمت جي ڪري غفلت ۾ نه پوي بلڪ هر حال ۾ اللّٰه پاڪ جا حقوق ادا ڪندو رهي، هميشه اللّٰه پاڪ جو ئي طالب رهي جو سڀ نعمتن جا خزانا انهيءَ ربِّ ڪائنات جي دستِ قدرت ۾ آهن. ٻانهو هميشه اللّٰه پاڪ جي رضا ۾ راضي رهي ۞ ان جي هر فيصلي کي دل ۽ جان سان قبول ڪري ۞ جيڪو عطا ٿئي، انهيءَ تي خوش رهي ۞ غم ملي ته شڪايت نه ڪري ۞ خوشي نصيب ٿئي ته سرڪش نه ٿئجي ۞ بس اللّٰه پاڪ جي رضا جو طلبگار رهي ۞ دنيا ۾ ڪنهن شيءِ کي پنهنجي ملڪيت نه سمجهي ۞ هي مضبوط سوچ رکي ته سڀ ڪجھ اللّٰه پاڪ جو آهي، اهو ئي حقيقي مالڪ آهي، مون وٽ جيڪو ڪجھ آهي، اللّٰه پاڪ جو ئي آهي، ان پنهنجي رحمت سان مون کي عطا فرمايو آهي ۞ پنهنجي عبادات ۽ نيڪ ڪمن کي هميشه ناقِص سمجهي ۞ خود پسندي جو شڪار هرگز نه ٿئي.

حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻانهو هجڻ جي آدابن مان آهي تہ جَلْوَت ۽ خَلْوَت (يعني ماڻهن جي سامهون بہ ۽ اڪيلائي ۾ بہ، هر حال ۾) اللہ پاڪ جي بي حرمتي (مثال طور گناهہ ۽ نافرماني) کان بچندو رهي.(1)

## اللہ ڏسي رهيو آهي

داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏيڪ فرمائن ٿا: ماڻهن کي گهرجي تہ بندگيءَ جو سليقو حضرت زُليخا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها کان سکن، توبهہ ڪرڻ ۽ ايمان آڻڻ کان پهريان جڏهن زليخا بي راهہ هئي، جڏهن ان اڪيلائي ۾ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي گناهہ جي دعوت ڏني، ان وقت ڪمري ۾ هڪ مُجسَّمو هو، زليخا ان کي پنهنجو خدا مڃيندي هئي، بهرحال زليخا ان مجسمي تي ڪپڙو وجهي ڇڏيو ۽ چيو: مان پنهنجي معبود جو چهرو ڍڪي رهي آهيان تہ جيئن هو مونکي نافرمانيءَ جي حالت ۾ نہ ڏسي.(2)

غور ڪريو! اهو بي جان مجسمو ڏسندو نہ هو، ٻڌندو نہ هو پر زليخا ان کي پنهنجو خدا مڃيندي هئي، لهٰذا ان جو اَدب ڪيائين. اسان جو خدا تہ سچو خدا آهي، هو ڏسي بہ ٿو، ٻڌي بہ ٿو بلڪ دلين جو حال بہ بخوبي ڄاڻي ٿو، اللہ پاڪ ڪائنات جي ذري، ذري کي ڏسي رهيو آهي، پوءِ هيءَ ڪيڏي بي ادبي ٿيندي جو اللہ پاڪ ڏسي رهيو آهي ۽ ٻانهو گناهہ ۾ مُلوث آهي...؟؟ ان ڪري ٻانهي کي گهرجي تہ اللہ پاڪ جي سامهون هرگز گناهہ نہ ڪري ۽ اهڙي ڪا جڳهہ ناهي جتي اللہ پاڪ نہ ڏسندو هجي.

| | |
|---|---|
| جوں ہی گناہ کرنے لگوں ، تیرے خوف سے | فوراً اُٹھوں میں تھرتھرا یا ربِّ مصطفٰے |
| تیری خَشیّت اور ترے ڈر سے، خوف سے | ہر دم ہو دِل یہ کانپتا یا ربِّ مصطفٰے (3) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

1...ڪشف المحجوب، مترجم، صفحہ:493بتغير.
2...ڪشف المحجوب، مترجم، صفحہ:494بتغير.
3...وسائل بخشش، صفحہ:132.

## هميشه دوزانو (گوڏن ڀَر) ويهندا هئا

داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آداب مان هي به آهي ته الله پاڪ جي حضور ايئن رهي، جيئن بادشاهن جي سامهون رهندا آهن. حضرت حارث محاسبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي متعلق اچي ٿو، پاڻ 40 سال ايئن گذاريا جو ڏينهن يا رات ۾ ڪڏهن به ٽيڪ لڳائي ڪري چيلهه سڌي نه ڪئي، هميشه دوزانو (يعني جيئن نماز ۾ التّحيّات ۾ ويهندا آهيون، ايئن) ويهندا هئا. ماڻهن ڪي فرمايائون: مان ربَّ جي حضور ايئن ويهندو آهيان، جيئن غلام ويهندا آهن، ان کان علاوه ڪنهن بي حالت تي ويهڻ سان مونکي شرم اچي ٿو.(1)

## ڇا بادشاهن جي دربار ۾ ايئن ويهبو آهي...؟

حضرت سِرّي سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏي رتبي وارا ڪامل ولي هئا، پاڻ هڪ رات ويٺي درودِ پاڪ پڙهي رهيا هئا، انهيءَ دوران پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پير ڊگهيڙيا. جيئن ئي پير ڊگهيڙيا، غيب مان آواز آيو: ڇا بادشاهن جي دربار ۾ ايئن ويهبو آهي؟ بس هي ٻڌڻ هو جو حضرت سِرّي سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فوراً پير سميٽي ورتا. شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان کان بعد حضرت سِرّي سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 60 سال زنده رهيا، پاڻ ڏينهن يا رات ۾ ڪڏهن به ڪنهن وقت پير نه ڊگهيڙيا.(2)

سُبۡحٰنَ اللّٰـه! اي عاشقانِ رسول! هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها هئا، ڏسو! هي الله پاڪ جو ڪيترو ڪمال ادب ملحوظ رکندا هئا ۽ هڪ اسان آهيون، الله پاڪ اسان کي ڏسي رهيو آهي، هي ڄاڻيندي به گناهن کان نه ٿا رڪجون ، اسان کي گناهه ڪندي ماڻهو نه ڏسي وٺن، هن ڳالهه جو ته اسان خيال ڪندا آهيون پر الله پاڪ ڏسي رهيو آهي، ان ڳالهه جو لحاظ ناهيون ڪندا. ڪاش! اسان ٻانهي هجڻ جا آداب سکي وجون، اسان گهٽو ڪجهه آهيون، تاجر به،

---

1...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحه:493بتغير۔

2...عوارف المعارف، صفحه:456۔

آفيسر بہ، ڊاڪٽر بہ، انجينئر بہ، گھڻو ڪجھ آهيون ڪاش! اسان صحيح معنٰي ۾ الله پاڪ جا ٻانها بہ بڻجي وڃون.

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی! مجھے نیک بندہ بنا یاالٰہی!
خطاؤں کو میری مٹا یاالٰہی! مجھے نیک خَصلت بنا یاالٰہی!

## (2): پنھنجو جو بہ ادب ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ادب جو ٻيو قِسم آهي: اَدَبُ النَّفْس يعني پنھنجي پاڻ جو ادب ڪرڻ.

هيءَ ڪھڙي نہ نرالي ڳالھ آهي، اُج تائين هي ٻڌندا آيا آهيون تہ اسان کي ٻين جو اَدب ڪرڻ گھرجي پر داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي رهيا آهن: ٻين جو اَدب تہ ڪرڻو ئي ڪرڻو آهي، ان سان گڏوگڏ پنھنجي پاڻ جو بہ ادب ڪرڻ گھرجي. ڇونہ هجي جو اسان جو هي جسم، اسان جي جان، اسان جو سڀ ڪجھ حقيقت ۾ اسان جو ناهي بلڪ الله پاڪ جو آهي، ربِّ ڪائنات فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِیْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ
(سيپارو: 11، سورة توبہ: آيت 111)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله پاڪ مسلمانن کان انهن جون جانيون ۽ انهن جا مال خريدي ورتا آهن.

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: مؤمن کي گھرجي تہ سمجھي تہ مان ۽ منھنجو مال ربّ ڪريم وٽ وڪامجي چڪا آهن، منھنجي ڪا بہ شيءِ پنھنجي ناهي، هر عضوو، هر وقت ۽ هر مال الله پاڪ جي مرضي جي مطابق صَرف(يعني استعمال) ڪري، نہ تہ خائِن (يعني خيانت ڪرڻ وارو) ٿيندو.(1)

1...تفسير نعيمى، جلد:11، صفحہ:78بتغير۔

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: اسان جي جان اصل ۾ اسان جي ناهي، الله پاڪ جي ڏنل امانت آهي، ان ڪري اسان تي لازم آهي ته امانت ۾ خيانت نه ڪيون بلڪ ان امانت جو ادب ڪريون.

## پنهنجي بي ادبي جا مثال

❁ پاڻ کي ذلّت واري هنڌ پيش ڪرڻ ❁ پنهنجو قدر نه ڪرڻ ❁ ماڻهو مذاق ڪن، اهڙا ڪم ڪرڻ ❁ جنهن کي ماڻهو ڏسي ڪري کلن، اهڙو حُليو اپنائڻ ❁ جسم تي ابتا ابتا ٽيٽو (*Tattoo*) نهرائڻ ❁ پنهنجو حليو بگاڙڻ هي سڀ پنهنجي بي ادبي جا مثال آهن. حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پنهنجي پاڻ جي ادب مان آهي ته ماڻهو هميشه سچ ڳالهائي (ڇوته ڪوڙ برو آهي، لهٰذا ڪوڙ ڳالهائي ڪري پنهنجي زبان کي گندو ڪرڻ پنهنجي بي ادبي آهي). وڌيڪ فرمائن ٿا: ماڻهو کي گهرجي ته گهٽ کائي ته جيئن طهارت گاهه (يعني بيتُ الخلا) ۾ گهڻو نه وڃڻو پئجي، اهڙيءَ طرح پردي جي مقامات کي نه ڏسي جو ان ۾ بي شرمي آهي.[1] امام غزالي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماڻهو تي پنهنجي ذات جي آداب مان آهي ته لباس جي پاڪيزگي ۽ صفائي جو خيال رکي، مسواڪ ڪرڻ جي عادت بڻائي، اهڙو لباس نه پائي جنهن جي ڪري ماڻهو ان کي حقارت جي نظر سان ڏسن، هلڻ ڦرڻ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نه ڏسي، گفتگو جي دوران بار بار ٿڪون نه اڇلائي ۽ گهڻين ۾ گهڻو نه ويهندو ڪري.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي اسان جي پاڪيزه دينِ اسلام جو ڪمال آهي ان ۾ اسان کي ذات جا آداب به سيکاريا ويا آهن، اسان کي گهرجي ته اسان انهن آداب کي اپنايون، ٻين جو به ادب ڪيون ۽ گڏوگڏ پنهنجي ذات جو به ادب ڪندا ڪيون. جديد نفسيات جا ماهر چون ٿا: جيڪو پنهنجو ادب ناهي ڪندو، اهو ٻين جو به ادب نه ٿو ڪري سگهي، ماڻهو اسان جي ظاهري حليي کي ڏسي ڪري اسان جي شخصيت جي پرک رکندا آهن، جيڪي ماڻهو پنهنجي صفائي

---

1...ڪشف المحجوب، مترجم، صفحه:495بتغير۔

2...آدابِ دين، صفحه:47-48بتغير۔

ستڙائي وغيره جو خيال ناهن رکندا، انهن کي انتهائي غير ذمّيدار ۽ سست سمجهيو ويندو آهي.

ان ڪري اسان کي گهرجي تہ پاڻ پنهنجي ذات جو قدر ڪيون، اهڙو حليو يا اهڙو انداز نہ اختيار ڪيو جنهن سبب ماڻهو اسان کان نفرت ڪرڻ لڳن بلڪ صاف ستڙا رهون، پنهنجي صحت جو خيال رکون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3): مختلف آدابِ زندگي

داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ادب جو ٽيون قسم هي آهي تہ ماڻهن سان ملڻ جلڻ، اٿڻ ويهڻ ۾ انهن جي آداب جو خيال رکيو وڃي.

هن مقام تي داتا حضور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مختلف آدابِ زندگي بيان فرمايا آهن، اچو! انهن مان ڪجھ ٻڌون ٿا:

## چڱي صحبت نهايت ضروري آهي

ماڻهن سان ميل جول ۽ تعلق رکڻ جي متعلق سڀ کان اهم ڳالھ هي آهي تہ ماڻهو هميشہ نيڪ صحبت اختيار ڪري، بري صحبت کان هميشہ بچندو رهي. داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نفس جي عادت آهي تہ پنهنجي ساٿين کان راحت حاصل ڪندو آهي، جهڙي قسم جي ماڻهن جي صحبت ۾ ويهندو آهي، انهن جون عادتون اختيار ڪري وٺندو آهي، ان ڪري مشائخ (يعني اولياءِ ڪرام) سڀ کان پهريان دوستيءَ جي حقوق تي توجهہ ڏيندا ۽ مريدن کي انهيءَ جي ترغيب ڏياريندا آهن، ايستائين جو مشائخن وٽ دوستيءَ جا آداب سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ فرض جو درجو رکندو آهي.(1)

---

1...ڪشف المحجوب، مترجم، صفحہ:499بتغير.

حديث پاڪ ۾ آهي: اَلرَّجُلُ عَلٰى دِيْنِ خَلِيْلِهٖ، فَلْيَنْظُرْ اَحَدُكُمْ مَنْ يُخَالِلُ ماڻهو پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي، لهٰذا توهان مان هر هڪ کي گهرجي ته اهو ڏسي ڪنهن سان دوستي ڪري رهيو آهي.(1)

## پنهنجي لاءِ دعا ڇو نه ٿا گهرو...؟

ڪشفُ المحجوب ۾ حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ شخص دوران طواف صرف هيءَ دعا ڪري رهيو هو اَللّٰهُمَّ اَصْلِحْ اِخْوَانِيْ اي الله پاڪ! منهنجي دوستن کي نيڪ بڻاءِ. ڪنهن پڇيو: هن مقام تي توهان پنهنجي لاءِ دعا ڇو نه ٿا گهرو؟ صرف دوستن جي لاءِ ئي ڇو دعا ڪري رهيا آهيو؟ ان نيڪ شخص نهايت ئي ڪمال جو جواب ڏنو، چيائين: مونکي هتان موٽي ڪري پنهنجن دوستن وٽ ئي وڃڻو آهي، جيڪڏهن منهنجا دوست نيڪ ٿي ويا ته مونکي به نيڪين تي استقامت ملي ويندي، جيڪڏهن دوست نيڪ نه ٿيا ته انهن جي خرابي مونکي به پهچي ڪري رهندي. تنهنڪري مان دوستن جي لاءِ دعا ڪري رهيو آهيان.(2)

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ | گناہوں سے ہردم بچا یاالٰہی!
مِرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی!(3)

## دوستيءِ پائيچاري جو هڪ بنيادي ادب

دوستيءِ پائيچاري جو بنيادي ادب هي آهي ته ماڻهو صرف ۽ صرف ديني فائدي کي ملحوظ رکي. حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن شخص جو گڏ رهڻ توهان کي فائدو نه ڏي، ان جي صحبت کان بچو ته جيئن توهان محفوظ رهي سگهو!

داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان نصيحت جو مطلب هي آهي ته توهان جي

1...ترمذی، کتاب الزہد، صفحہ:566، حدیث:2378۔
2...کشف المحجوب،مترجم،صفحہ:499بتغیر۔
3...وسائل بخشش ، صفحہ 105۔

صحبت يا تہ پاڻ کان وڏي ۽ چڱي سان هوندي يا پاڻ گهٽ واري سان. پاڻ کان وڏي ۽ چڱي جي همراهي اختيار ڪندؤ تہ ان کان توهان کي ديني ۽ دنياوي فائدو پهچندو ۽ جيڪڏهن پاڻ کان گهٽ واري سان ويهندؤ تہ توهان کان ان کي دين جو فائدو پهچندو، اهو توهان کان دين سکندو، سنيون ڳالهيون سکندو.(1)

## دوستي ۽ ڀائيچاري جا وڌيڪ آداب

مسلمان کي گهرجي تہ پنهنجي مسلمان ڀائرن سان لطف ۽ مهربانيءَ سان پيش اچي: الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ إِخْوَةٌ فَأَصْلِحُوا بَيْنَ أَخَوَيْكُمْ

آيت (سيپارو: 26 سورة حجرات: آيت 10)

ترجموڪنزالعرفان: مسلمان تہ صرف ڀائر آهن پوءِ پنهنجي ٻين ڀائرن ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو.

معلوم ٿيو سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن، سيني کي گهرجي تہ هڪبئي سان نرمي ۽ مهرباني سان پيش اچن، ڪو بہ ڪنهن جي دل نہ ڏکائي ❁ مسلمانن کي سلام ڪري ❁ مجلس ۾ انهن جي لاءِ جڳهہ ڪشاده ڪري ❁ هر هڪ کي چڱي نالي سان پڪاري. حديثِ پاڪ ۾ آهي: 3 شيون مسلمان ڀائرن ۾محبت وڌائيندون آهن: (1): جڏهن ملاقات ٿئي سلام ڪرڻ (2): مجلس ۾ جڳهہ ڪشاده ڪرڻ (3): چڱي نالي سان پڪارڻ.(2) ❁ دوستي ۽ ڀائيچاري جي آداب مان هي بہ آهي تہ هر هڪ سان صرف رب جي رضا جي لاءِ تعلق رکي، ڪنهن سان بہ ذاتي مطلب جي لاءِ تعلق نہ رکي. داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون شيخُ الْمشائخ حضرت ابوقاسم گُرگاڻي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو: صحبت جو شرط ڇا آهي؟ فرمايائون: هي تہ ٻانهو پنهنجي خوشي نہ چاهي. مسلمان ڀائرن ۽ دوستن سان تعلق رکڻ ۾ سڀ کان وڏي آفت هي آهي تہ هر هڪ پنهنجي خوشي چاهيندو آهي.(3)

---

1...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحہ:497بتغير۔

2...معجم الاوسط، جلد:6، صفحہ:163، حديث:8369۔

3...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحہ:502بتغير۔

❁ مسلمانن سان پائيچاري جي آداب مان هي بہ آهي تہ ماڻهو پاڻ کان وڏي جو ادب ڪري، هم عمر وارن سان سٺي سلوڪ سان پيش اچي، ٻارن تي شفقت ڪري، وڏن بزرگن کي پيءُ جي جڳهه، هم عمر وارن کي ڀائرن جي جڳهه ۽ ٻارن کي اولاد جي جڳهه تي سمجهي ❁ ڪنهن سان ساڙ نہ ڪري ❁ ڪنهن جي باري ۾ دل ۾ بغض ۽ ڪينو (يعني لڪيل دشمني) نہ رکي ❁ سيني کي نيڪي جي دعوت ڏيندو رهي ❁ڳالهہ ڳالهہ تي ناراض نہ ٿئي.(1)

ڪاش! نیکی کی دعوت میں دوں جابَجا | سُنّتیں عام کرتا رہوں جابَجا (2)

## مهمان نوازي جا آداب

داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مهمان نوازي جي آداب مان آهي تہ ڪو مسافر اچي تہ خوش ٿئي، ان جو احترام ڪري، عزت ۽ احترام سان ان جو استقبال ڪري. الله پاڪ جي نبي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام نهايت ئي مهمان نواز هئا. هڪ ڀيري ڪجهہ ملائڪ انساني شڪل ۾ پاڻ وٽ آيا، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام جن انهن کي سڃاتو نہ، پوءِ بہ انهن جو استقبال ڪيائون، انهن کي ويهارڻائون، فوراً ڪاڙهو تيار ڪَرايائون، مهمانن کي پيش ڪيائون، اچڻ وارا مهمان تہ ملائڪ هئا ۽ ملائڪ کائيندا پيئندا ناهن، جڏهن ملائڪن ماني نہ کاڌي، تڏهن پاڻ کي معلوم ٿيو تہ هي ملائڪ آهن: الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ان واقعي کي هن طرح بيان فرمايو آهي:

وَلَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى قَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ ﴿۶۹﴾

آيت (سيپارو: 12، سورة هود: آيت 69)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اسان جا ملائڪ ابراهيم وٽ خوشبري کڻي آيا. انهن ”سلام“ چيو تہ ابراهيم ”سلام“ چيو پوءِ ٿوري ئي دير ۾ هڪ ڀُڳل ڳابو کڻي آيو.

---

1...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحہ:501-502بتغير۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:502۔

داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڏسو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام مهمانن کان هي به نه پڇيو ته ڪٿان آيا آهيو؟ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ سندن نالو ڇا آهي؟ بس فوراً مهمان نوازيءَ ۾ مصروف ٿي ويا.(1)

اسان کي به گهرجي ته مهمانن سان اهڙو ورتاءُ اختيار ڪريو، اسان جا رشتيدار مهمان بڻجي ڪري اچن، انهن جي مهمان نوازي ته ڪندا ئي آهيون، جيڪڏهن ڪو اڻ واقف اچي ته ان جي مهمان نوازيءَ ۾ ڪوتاهي نه ڪئي وڃي.

مهمان نوازيءَ جا وڌيڪ آداب بيان ڪندي داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن مهمان اڪيلائي پسند ڪندو هجي ته ميزبان ان کي اڪيلو رکي نه ته ان سان گڏ ويهي، ان سان گفتگو ڪري.(2)

## مهمان نوازيءَ جو هڪ اهم ادب

داتا حُضُور رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مهمان نوازيءَ جو هڪ ادب هي به آهي ته مهمان کي پنهنجي شهر جي بزرگن، نيڪ ماڻهن سان ملاقات جي لاءِ وٺي وڃي.(3)

الله اڪبر! هي اَدب ته شايد ئي اسان جي ڌيان ۾ هجي، اسان وٽ مهمان ايندا آهن ته انهن کي پارڪن جو سير ڪرايو ويندو آهي، مختلف تفريح گاهن، هوٽلن ۾ روني وڃبو آهي، شهر جا نيڪ ماڻهو، بزرگ، عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام جو اسان کي پاڻ خبر هجي، اسان انهن سان رابطو رکندا هجون، هي به تمام مشڪل ڳالهه آهي، مهمان جي انهن سان ڪهڙي ملاقات ڪرائينداسين؟ ڪاش! اسان دين پسند مسلمان بڻجي وڃون. ديني ڳالهيون، دين ڄاڻڻ وارن جي معلومات به رکون، انهن سان رابطي ۾ به رهون، پاڻ به انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا رهون ۽ خوش نصيبي! مهمان اچن ته انهن کي به زيارت جي لاءِ

1...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحه:505بتغير۔
2...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحه:505بتغير۔
3...ڪشف المحجوب،مترجم،صفحه:506بتغير۔

ونئي ويندا ڪريون. اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

## سفر جا آداب

داتا حُضُور رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ٻانهي کي گهرجي تہ هميشہ اللہ پاڪ جي رضا جي لاءِ ئي سفر ڪري، ڪنهن نفساني خواهش جي تحت سفر نہ ڪري (مثال طور تجارت وغيره جي لاءِ سفر ڪرڻو هجي تہ ان جي لاءِ سنيون سنيون نيتون ڪيون وڃن، اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! هي سفر بہ ثواب جو ذريعو بڻجي ويندو). ❁ سفر جي آداب مان هي آهي تہ جيئن ظاهر ۾ سفر اختيار ڪيو آهي، ايئن ئي باطن ۾ مسافر بڻجي (يعني ظاهر ۾ گهر ٻار ڇڏي رهيو آهي تہ نفساني خواهشات کي بہ ڇڏي ڏي).(1)

❁ سفر ۾ مُصلو ۽ وضو جو سامان گڏ رکي، اهڙيءَ طرح سنّت تي عمل جي نيّت سان ڦڻي، ننهن ڪٽر، سرمو وغيره سامان بہ ساڻ رکي.(2)

❁ هر مسلمان تي لازم آهي تہ هميشہ سنّت جي حفاظت ڪري، ڪنهن وٽ وڃي تہ ان جو احترام ڪري، ان کي سلام ڪري، ميزبان جي ڪنهن بہ حالت تي اعتراض نہ ڪري، پنهنجي سفر جون سختيون بيان نہ ڪري، علميت جو دٻدٻو نہ ويهاري، سفر ڪندي جاهلن ۽ غير مُهذب ماڻهن سان واسطو پوي تہ برداشت ڪري، اللہ پاڪ جي رضا جي لاءِ انهن جي زيادتين تي صبر ڪري اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون.(3)

| | |
|---|---|
| بنادو صبر و رِضا کا پیکر | بنوں خوش اَخلاق ایسا سرور |
| رہے سدا نَرم ہی طبیعت | نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت (4) |

---

1...ڪشف المحجوب، مترجم، صفحه:509بتغير.

2...ڪشف المحجوب، مترجم، صفحه:510بتغير.

3...ڪشف المحجوب، مترجم، صفحه:511-512بتغير.

4...وسائل بخشش، صفحه:208.

## کائڻ پيئڻ جا آداب

داتا حُضُور رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: انسان جو گذارو غذا جي بغير ناهي، البتہ غذا جي استعمال ۾ ادب جو شرط هي آهي تہ کائڻ پيئن ۾ مبالغو نہ ڪري (يعني تمام گهڻو نہ کائي) جو صرف پيٽ پرڻ جي فڪر ۾ ئي لڳل هجي، ان جي قدر ۽ قيمت اها ئي اهي جيڪو پيٽ مان نڪرندو آهي.(1) حضرت بايزيد بسطامي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کان ڪنهن پڇيو: توهان بُکيو رهڻ جي گهڻي تاڪيد ڇو ڪندا آهيو؟ فرمايائون: ان ڪري جو جيڪڏهن فرعون بُکيو رهي ها تہ هرگز خدائي جي دعوٰي نہ ڪري ها، جيڪڏهن قارون بُکيو رهي ها تہ ڪڏهن بہ سرڪشي نہ ڪري ها.(2)

❁ کائڻ جي آداب مان هي بہ آهي تہ اڪيلو نہ کائي، جيڪو کائي بين کي بہ کائڻ ۾ شريڪ ڪري ❁ دستر خوان تي خاموش نہ ويهي (بلڪ موقعي جي مناسبت سان سٺيون سٺيون ڳالهيون ڪندو رهي) ❁ بِسمِ الله پڙهي ڪري کاڌو شروع ڪري ❁ کاڌو، پاڻي يا ٽانوَ وغيره رکڻ کڻڻ ۾ تهذيب جو خيال رکي، اهڙو انداز اختيار نہ ڪري جو ماڻهو ناپسند ڪن ❁ پهريون گرھ نمڪين غذا جو کڻي ❁ دسترخوان تي وينلن تي ايثار ڪري ❁ ساڄي هٿ سان کائي ❁ بين جا گرھ نہ ڏسي ❁ گرھ ننڍا ۽ خوب چٻاڙي کائي ❁ کائڻ ۾ جلدي نہ ڪري جو ان سان بدهضمي پيدا ٿيندي آهي ۽ هي سنّت جي خلاف آهي ❁ کائڻ کان فارغ ٿي ڪري الله پاڪ جو شڪر ادا ڪري.(3)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! داتا حُضُور رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جن ڪهڙا پيارا پيارا آداب سيکاريا آهن، هتي هڪ ڳالهه تي ڌيان ڏيندا! داتا حُضُور رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو ڪتاب آهي: ڪشفُ المحجوب. پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هي ڪتاب تصوف جون پيچيدگيون ٻڌائڻ،

---

1…ڪشف المحجوب،مترجم،صفحہ:512بتغير۔
2…ڪشف المحجوب،مترجم،صفحہ:513بتغير۔
3…ڪشف المحجوب،مترجم،صفحہ:514بتغير۔

دل تان غفلت جا پردا هٽائڻ، دل کي نوراني بڻائڻ ۽ الله پاڪ جي معرفت حاصل ڪرڻ جا طريقا ٻڌائڻ جي لاءِ لکيو آهي ۽ هن ئي ڪتاب ۾ پاڻ هي زندگي جا آداب بيان فرمايا آهن. هن مان خبر پئي ٿي تہ هي آداب ڪيترا تہ اهم آهن، انهن تي عمل جي برڪت سان دل پاڪ ٿيندي آهي، باطن سورجندو آهي، دل ۾ ايمان جو نور لهندو ۽ روشني پکيڙيندو آهي. اسان کي گهرجي تہ انهن آداب جي اهميت کي سمجهون، الله پاڪ جي پاڪ بارگاهہ جو خوب ادب ڪريون، دوستن جو ادب ڪريون، ڪائڻ، پيئڻ، هلڻ ڦرڻ وغيره جي آداب جو لحاظ رکون.

با ادب با نصيب | بے ادب بے نصيب

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: چوڪ درس

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اهڙيون پياريون پياريون ڳالهيون، سنّتون ۽ آداب ٻڌائڻ، سيکارڻ ۽ سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ واري تحريڪ آهي، توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب وڌي چڙهي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: چوڪ درس.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي وارا مسجد ۾ درس ڏيندا ئي آهن، ان سان گڏوگڏ چوڪ، بازار، اسڪول ڪاليج وغيره ۾ بہ درس ڏيندا، نيڪي جي دعوت عام ڪندا ۽ سنّتن جي ڌوم مچائيندا آهن.

## گناهن کان توبهہ نصيب ٿي وئي

لانڌي (ڪراچي پاڪستان) جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو

آهي: اسان جي علائقي ۾ هڪ وڊيو سينٽر جي ٻاهر دعوتِ اسلامي سان وابسته هڪ اسلامي ڀاءُ سردي گرمي جي پرواهه ڪرڻ بغير مستقل مزاجيءَ سان چوڪ درس ڏيندو هو، هو اسلامي ڀائر ان وڊيو سينٽر جي مالڪ کي به درس ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندو هو پر هو روزانو ئي مصروفيت جو چئي ڪري معذرت ڪري ڇڏيندو هو، آخر ڪار هڪ ڏينهن وڊيو سينٽر جي مالڪ به درس ۾ شرڪت ڪري ورتي، جڏهن مبلغ دعوتِ اسلامي درس شروع ڪيو ته خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڀرپور الفاظ تاثير جا تير بڻجي ڪري ان جي دل ۾ لڳا، غفلت جا پردا هٽي ويا ۽ چوڪ درس جي برڪت سان وڊيو سينٽر جي مالڪ تي فڪرِ آخرت غالب اچي ويئي. درس کان بعد اسلامي ڀاءُ ان کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، هُو هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو، آهسته آهسته انهن جي دل ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي، آخر وڊيو سينٽر جي مالڪ تمام گناهن کان توبهه ڪئي، گناهه ڀريو ڪاروبار يعني وڊيو سينٽر به بند ڪري ڇڏيو. ايئن اَلْحَمْدُ لِلّٰه! گناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل مسلمان چوڪ درس جي برڪت سان نيڪ رستي جو مسافر بڻجي ويو.(1)

اسی ماحول نے ادنٰی سے اعلٰی کر دیا دیکھو | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دارُالاِفْتاء اهلِ سنّت ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي ***Darul Ifta Ahlesunnat*** (دارُ الاِفْتاء اهلِ سنّت).

---

1...میں نے ویڈیو سینٹر کیوں بند کیا؟، صفحہ:5۔

هن ايپليڪيشن ۾ مختلف موضوعن تي فتوائون آڊيو، وڊيو (*Audio & Video*) ۽ ٽيڪسٽ (*Text*) جي صورت ۾ موجود آهن. توهان به موبائل ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو! پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ پنهنجي دوست احباب کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[(1)]

| | |
|---|---|
| سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا |

## پاڪرپائي ملڻ سنِت مصطفٰي آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): جنهن جو پاءُ هجي ان کي گهرجي ته پنهنجي پاءُ سان پاڪر پائي ملي.[(2)]

اي عاشقانِ رسول! پاڪر پائڻ کي معانقو چوندا آهن ۽ معانقو سنّتِ مصطفٰي آهي. ❁ مرأةُ المناجيح ۾ آهي: خوشي ۾ ڪنهن سان پاڪر پائي ملڻ سنّت آهي[(3)] پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيترائي پيرا صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم تي شفقت فرمائيندي انهن کي ڳلي ملڻ جو شرف بخشيندا هئا.

1...تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343۔
2...كَنزُ الْعُمَّال، كتاب: الفضائل، جلد:7، جز:13، صفحه:26، حديث:36235۔
3...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:359۔

مثال طور ❁ خيبر جي موقعي تي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت جعفر رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه کي سيني سان لڳايو ۽ پيشانيءَ تي چمي بہ ڏنائون.[1]

❁ هڪ ڀيري پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت اَبُوذر غفاري رَضِىَ اللّٰهُ عَنْه کي گهرايو، هُو حاضر ٿيا تہ شفقت فرمائيندي انهن کي ڀاڪر پاتائون.[2]

اي عاشقانِ رسول! معانقو يعني ڀاڪر پائي ملڻ سنّت آهي، البتہ اَمرد يعني نابالغ ڇوڪراٽ کي ڀاڪر پائڻ کان بچڻ بهتر آهي ڇوتہ ان ۾ گناهہ ۾ پوڻ جو انديشو آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي سنّتن جو پيروڪار بڻائي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| سادَگی چاہئے، عاجزی چاہئے | لینے یہ نعمتیں، قافلے میں چلو |
| عاشقانِ رسول، آئے سُنّت کے پھول | دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو[3] |

اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...ابو داؤد، كتاب:الادب، باب: قبلۃ ما بين العينين،صفحہ:813، حديث:5220۔
2...ابو داؤد، كتاب:الادب، باب: قبلۃ ما بين العينين،صفحہ:812، حديث:5214خلاصۃً۔
3...وسائل بخشش، صفحہ:671۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

1… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیۡ عِلۡمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلۡکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡہُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَکَ یَوۡمَ الۡقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455